شاهين مگريو*

# شاهه جي سر مومل راڻو ۾ علامت نگاري
# Symbolism in Sur Momal Rano of Shah Latif


## ABSTRACT:

Shah Abdul Latif Bhittai (1689-1752) is the greaters poet of the globe. His poetry has the impressive power to rule our hearts. Shah Abdul Latif's poetry is loved by all people. His collection of poetry is called "Shah Jo Risalo" which is based on 30 chapters called Surs. His poetry presents various themes and subjects. Naturalusim, feminism, structuralism and symbolism. The present paper sheds light on the symbolism used in his romantic story of Momal Rano. Shah Abdul Latif has applied a great mumber of symbols in his poetry.

"Lets get on Kaak landing where love erupts in waves,

there is no restrain of any sort every one can perceives beloved"

هلو هلو ڪاڪ تڙين جتي نيهن اُڇل

نہ ڪا جهل نہ ڪا پل سڀڪو پسي پرينءَ کي

Many other symbols in Sur Momal Rano like Momal, Rano(Mendhro), Kaak, Sun, Tomorrow Sun, Maal, Chhoryoon, Chhaal, Bayoon, Reto, Kakorjan, Moon, Haalaar, Sodhyoon, Banihiyoon, New message, Camel, lion, Palace, Khumar, Neenh, Sodo, Lali, Achhal, Lalan, Kapri, Kaunr, Chanbeliya, Nesh, Rose, Lahooti, Barra, Khumbh and Kamaal etc.


شاعر پنهنجي ماحول ۾ ٿيندڙ تبديلين جو جائزو وٺي، انهن احساسن ۽ جذبن کي بيان ڪرڻ لاءِ اظهار جو طريقو ڳوليندو آهي. اهڙن احساسن ۽ جذبن کي بيان ڪرڻ جو هڪ طريقو علامتي ٻولي پڻ آهي.

شاهه لطيف سنڌيءَ ٻوليءَ جو هڪ وڏو شاعر هو. جنهن جي شاعري بنيادي طور تي علامتي نوعيت جي آهي. سندس سڀ ڪردار تصوراتي صورت اختيار ڪري چڪا آهن. شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ جن نيم تاريخي داستانن جو تمام سهڻي نموني ذڪر ڪيو آهي. انهن مان سر مومل راڻو بہ هڪ آهي. سر مومل راڻو رومانوي داستان آهي. جنهن ۾ اسان کي ڪيترائي علامتي بيت ملن ٿا.

* ايم-فل اسڪالر، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

**سر مومل راڻي جو مختصر قصو:**

پندرهين صديءَ جي شروعات ۾ گُجر ذات جو راجا نند ميرپور ماٿيلي تي راڄ ڪندو هو. ڪيس نَوَ نياڻيون هيون. انهن مان مومل سونهن ۾ سرس ته سومل سياڻپ ۾ وڏيڪ هئي. ان قصي جون مختلف روايتون موجود آهن، پر انهن سڀني مان ٿوري گهڻي فرق سان واقعن جي جيڪا ترتيب ملي ٿي، سا ساڳي آهي.

راجا نند جو خزانوگڏ ڪري طلسمي ڏند جي ذريعي درياهه ۾ لڪائڻ، جادوگر جو فقير بڻجي اهو طلسمي ڏند مومل کان وٺي سمورو خزانو چورائڻ ۽ ان کان پوءِ راجا نند جو مومل تي ڏمرجڻ ۽ مومل جو سومل جي مدد سان طلسمي محل ڪاڪ نديءَ ڪناري اڏي ويهڻ ۽ ڪيترائي راهه رلائي ڪونڌر کهائي سندن مال ملڪيت قبائي پيءُ کي پهچائڻ سڀني روايتن ۾ هڪجهڙائي آهي. تنهن کان پوءِ راڻي (راڻي جو تعلق ڍٽ جي سوڍن راڻن سان هو) جو مومل جي سونهن جي ساراهه ٻڌي ڪيس ماڻڻ لاءِ اچڻ ۽ ڪامياب ٿيڻ، پوءِ روز رات جو چانگي تي چڙهي اچي ساڻس ملڻ، همير سومري طرفان قيد ڪرڻ ۽ زال جي شڪايت تي اٺ جو ڪسجڻ به گهڻو ڪري سڀني راوين ساڳيو بيان ڪيو آهي.

باقي ڪجهه روايتون الڳ الڳ ملن ٿيون، جيئن گهڻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن راڻو مومل وٽ اچي ٿو ته مومل کي ڪنهن ٻئي سان ستل ڏسڻ وارو واقعو ڪجهه مختلف انداز ۾ بيان ٿيل آهي. ڪن ان کي **"سيتل"** سڏيو آهي. ڪي چون ٿا ته اها سومل مرداني ويس ۾ هئي ۽ مومل جي چوڻ تي ساڻس ياڪر پائي سمهي هئي. ڪي وري اها سومل جي سازش ٿا چون. جنهن ڄاڻي ڪري راڻي کي شڪ جو شڪار بنائڻ لاءِ ائين ڪيو. ڇاڪاڻ ته راڻي جو مومل سان تعلق سندس گهروارن کي پسند ڪو نه هو.

ان ڏس ۾ ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو لکي ٿو: "مومل جي مائٽن جي ڏنگائي واري رَوِش کي لطيف سائين به ظاهر ڪيو آهي.

**"هڪ ڏنگا ڏاڏاٽا ٻيو موٽيو تان نه مينڌرو".** (1)

پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي لکي ٿو:

"ڪاڪ جي ٻاهران سومل هڪ ميهار کي بيهاري ڇڏيو ته جڏهن راڻو مومل سان ملڻ اچي، تڏهن ڪا ڄُڙتو ڳالهه ٻڌائي ته جيئن هو مومل کان منهن ڦيرائي. راڻي کي اهو ميهار مليو ۽ چيائين : اي راڻا! تون انهيءَ مومل وٽ ٿو وڃين، جنهن جي **"سيتل"** سان ياراڻي آهي؟ " مومل راجا نند جي سيتل جنهن جو يار". (2)

انھيءَ طعني راڻي کي ڪاوڙائي ڇڏيو ۽ جيئن ئي محل ۾ اچي ڏنائين تہ مومل ڪنهن ڌاريئي شخص سان پاڪر پائي سمهي پئي هئي، تيئن ٻڌل ڳالهہ جي پڪ ٿيس تہ مومل کي اٿارڻ بنا واپس هليو ويو.

پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي ٻئي جاءِ تي لکي ٿو:

”شاهہ جي آڪاڻي ۾ مومل جي سيرت ٻي طرح پيش ٿيل آهي. شاهہ جي مومل سومل کي چيو هو تہ مرداڻا ڪپڙا پائي اچي مون سان سمهہ. جيئن تہ راڻي ان دفعي اچڻ ۾ دير ڪئي هئي ۽ مومل جُڙ تو راڻو نهرائي دل جي مراد پوري ڪئي. راڻو مٿس ڪاوڙجي پيو ۽ شاهہ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ مومل پنهنجي ڏوهہ ڪري ٿي سَنو“ . (3)

راڻي جو مومل کان رسڻ مختلف شاعرن ۽ سگهڙن جائز قرار ڏنو آهي. پڻ مومل کي قصور وار نهرايو آهي. پر شاهہ صاحب اتي بہ مومل جو ڪنهن حد تائين بچاءُ ڪيو آهي. مومل واتان جڏهن چوائي ٿو:

”ميان ميندار موٽ بخش ڪر بچايون
تون گهٽين جو گهوٽ، مون ور تون هين هيڪڙو“

جڏهن راڻو مومل کي ٻئي ڪنهن سان ڏسي خاموشيءَ سان هليو ٿو وڃي ۽ صبر ٿو ڪري. ان کي شاهہ صاحب ساراهيو آهي. ۽ مومل لاءِ اهو صبر ئي سزا آهي.

”سوڍا ! صبر تنهنجي ماڻهو کي مومل
ڪپر منجهان ڪل پيم پرين! تنهنجي“
۽ انھيءَ صبر منهنجو مان رکي ڇڏيو
صدايون ميٺي ڇڏيون!
” سوڍا ! صبر تنهنجو مومل مت ٿيو
توجو ڪال ڪئو تنهہ مديون ميٺي ڇڏيون
راڻو مومل کي عمر جو ڏهاڳ ڏيئي ويس“.

ڊاڪٽر نورافروز خواجہ لکي ٿي:

” مومل جي ڪيفيت انتظار ۽ وڇوڙي جي ڪري تڙپڻ ۽ لڇڻ واري ڪيفيت آهي. مومل راڻي جو انتظار ڪندي ڪندي صبح ڪري ٿي ڇڏي ۽ راڻي لاءِ ڪاڪ جا ڪانگ قاصر بڻائي موڪلي ٿي“ (4)

شمع ٻاريندي شب پرهہ باڪون ڪيون
موٽ مران ٿي ميندار راڻا ڪارڻ رب
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا.

لطيف سائينءَ هن سر ۾ عورت جي جذبات، احساسات ۽ اُمنگن کي مومل جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. لطيف سائينءَ کي عورت جي جذباتي ۽ امنگ واري احساسن جي پوري ڄاڻ هئي. اهو ئي سبب آهي، جو عورت جي اهڙي ڪيفيتن کي لطيف مومل جي روپ ۾ نمايان ڪيو آهي. آخر مومل پنهنجي غلطي مڃي ٿي ۽ راڻي کي ٻاڏائي ٿي ته منهنجي غلطي معاف ڪر. انهيءَ ڪيفيت کي لطيف سائين هن طرح پيش ڪيو آهي.

رُس مَ رُسڻ گھورئو، راڻا ڇڏي رياءُ
مِٺ مدايون موٽ تون ڪري نرت نياءُ،
لالن جو لطيف چي ڪو نه سو نه سياءُ
اوگڻ ڍڪي آءُ ته سوڍا سڪياڻي ٿيان.

قصي جي پڇاڙي ۾ آهي ته جڏهن راڻو ڪنهن به طرح مومل سان نه ٿو پرچي ته مومل باهه جي مچ ۾ پاڻ ساڙي ٿي ڇڏي. انهيءَ قربانيءَ کي ڏسندي راڻو پڻ انهيءَ مچ ۾ ٽپو ڏيئي پنهنجو انت ٿو آڻي. شاهه صاحب ان واقعي جو پنهنجي ڪلام ۾ ڪو ذڪر ڪو نه ڪيو آهي. شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ان واقعي کي نظرانداز ڪيو آهي. شايد ان ڪري به ته شاهه صاحب ڪهاڻيءَ کي (Optimism) رجائيت جي فلسفي سان هم آهنگ ڪرڻ چاهيو آهي ۽ مايوسيءَ کي پڻ نظرانداز ڪيو آهي.

## علامت نگاريءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم:

”علامت يعني “Symbol” يوناني لفظ Symbollon تان ورتل آهي، جنهن جو مفهوم آهي. معاهدو، نشان، تمغو، شناخت جو ذريعو. يعني اهو نظريو، جنهن ۾ خيالن جو اظهار علامتن جي ذريعي ڪيو وڃي“. علامت (symbol) لاءِ ڪتي اهڃاڻ لکيو ويو آهي. علامت (اهڃاڻ) اظهار جو اهو اسلوب آهي، جنهن ۾ لڪل خيالن ۽ تصورن جو هڪ اڻ ڪٽندڙ سلسلو هوندو آهي. ان جي حيثيت هڪ مستقل ۽ مجرد ورتاءَ واري هوندي آهي. ڪنهن به مخفي خيال کي سواءِ علامت جي پيش ڪري ڪو نه سگھبو.

## علامت نگاري مختلف ماهرن جي نظر ۾:

**شيليءَ** جي مطابق : ”علامت ڪنهن حقيقت جي هڪ سطح کان ٻئي سطح تي آيل حقيقت سان رشتي کي چئجي ٿو“(6)

**ڪولنگ** ووڊ چوي ٿو: ”علامتون اهي لفظ يا اصطلاحات آهن، جيڪي مصنف ۽ قاري جي وچ ۾ معاهدي جي لحاظ کان هڪ خاص مقصد موجب اظهار لاءِ جائز قرار ڏنيون ويون آهن“. (7)

**جي بي سائيڪس** جي نزديڪ: ” هي شين جي علامتي اظهار جو اهو طريقو آهي، جنهن مطابق مصوّرن ۽ شاعرن جي فڪر ۽ شين جي جوهر کي مخصوص علامتن جي ذريعي بيان ڪيو وڃي ٿو. خصوصاً فرانس ۾“. [8]

**فرائڊ** چوي ٿو: ” علامت دٻيل تصادم جو نشان آهي ۽ ان جي معنيٰ کي تحليل ۽ تجربي سان قابو ڪري سگهجي ٿو.“ (8)

**زونگ** جي نزديڪ: ”آڪيٽائيپل علامتون انسان جي علامتي لاشعور سان واسطو رکن ٿيون ۽ ان جي معنيٰ کي سمجهڻ ڏکيو آهي.“ (09)

**ڊاڪٽر تنوير عباسي** لکي ٿو: ”سچي شاعري اڻ سڌو اظهار آهي. ان ڪري اهڃاڻ (علامت) جي معنيٰ ۾ سچي شاعري سمائجي ٿي وڃي.“ (10)

**ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو** چوي ٿو:

”اهڃاڻ (علامت) اها شيءِ آهي، جنهن سان ٻيءَ شيءِ جي معنيٰ نڪري. اهڃاڻ کي پنهنجي خاص معنيٰ ڪلچر وٽان ملي ٿي. مثال طور:- ڪارا ڪپڙا پائڻ اسان وٽ ماتم جي نشاني آهي.“ (11)

**ڊاڪٽر سيد عبدالله** چوي ٿو: ”علامت نگاري هڪ ناجائز اظهار جو وسيلو آهي ۽ علامت نگار شاعر لازمي طور ناقص هوندو آهي.“ [13]

## <u>علامتن جا قسم:</u>

مشهور مفڪرن، ويرن ۽ ويليڪ علامتن جا ٽي قسم بيان ڪيا آهن: 1. ذاتي 2. روايتي 3. سياويڪ

1. **ذاتي علامت**: اها علامت آهي، جنهن ۾ فنڪار يا شاعر پنهنجي ذاتي تجربي جي تحت ڪنهن شيءِ کي علامت جو تصور ڏي. **ڊاڪٽر ٻوهيو** جي مطابق: ”حضرت شاهه سائين اسان جي پهرئين اعليٰ آرٽسٽن مان هوندو، جن ذاتي علامت استعمال ڪئي هوندي“.
2. **روايتي علامت**: روايتي علامتون به ذاتي علامتن کان ڌار نه ٿيون ڪري سگهجن. ڇو ته روايت ٺهندي آهي تجربي جي بنياد تي. ساڳي طرح ذاتي علامتون پڻ سماج جي عادتن ۽ روايتن کي سامهون رکي جوڙيون ويندڙيون آهن. جيڪي اڳتي هلي روايت بڻجي پونديون آهن.
3. **سياويڪ علامت**: **ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو** چوي ٿو **ڊاڪٽر ٻوهيو** مطابق:

”مان نہ ٿو سمجهان تہ ڪو اهڙو اهڃاڻ بہ هئڻ گهرجي، جيڪو پنهنجو پاڻ ئي ٿهي پيو هجي ۽ ان ڪري ڪيس سپاويڪ اهڃاڻ سڏي سگهجي.“
ان مان معلوم ٿيو تہ ڪو بہ اهڃاڻ پنهنجو پاڻ نہ ٿو ٿهي سگهي.

## سر مومل راڻو ۾ ڏنل داستانن ۽ بيتن جو مختصر جائزو:

ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي مرتب ٿيل رسالي ۾ ڪل نَوَ داستان آهن. پهرئين داستان ۾ **ست بيت**، ٻي داستان ۾ **ڏهہ بيت**، ٽئين داستان ۾ **ست بيت**، چوٿين داستان ۾ **ست بيت**، پنجين ۾ **ڇهہ بيت**، ڇهين، ستين، اٺين داستانن هر هڪ ۾ **ست ست بيت** آهن ۽ نائين داستان ۾ **پنج بيت** آهن.

## شاهہ لطيف جي سر مومل راڻو ۾ علامت نگاري:

شاهہ لطيف جا سڀ سُرَ علامت نگاريءَ سان پُريل آهن. سر مومل راڻو ۾ آيل علامتون هيٺ ڏجن ٿيون:
ا. مومل 2. راڻو (مينڌو) 3. بيڪاري 4. ٻَرُ 5. ڪاڪ 6. سج 7. سپاٽي جو سج 8. سوڍيون 9. مال 10. ڇوريون 11. ڇال 12. ٻايون 13. ٻانهيون 14. نئون نياپو 15. ڪمال 16. ڪڪورڄڻ 17. لاراڻ 18. ڪڙي 19. ريٽو 20. ڪُنڀ 21. هالار 22. اٺ 23. سينهن 24. محل 25. لاهوتي 26. نيهن 27. خمار 28. لالي 29. سوڍو 30. ڪڪوري 31. گل گلاب 32. چنبيليا 33. نيش 34. لالن 35. اَڇل 36. ڪنواري 37. ڪئونر 38. ڪاپڙي وغيره.
انهن کان علاوه چند، ڪنواريون لفظ بہ مختلف جاين تي مختلف علامتن ۾ استعمال ٿيا آهن.
سر مومل راڻو جا ڪجهہ علامتي بيت هيٺ ڏجن ٿا:

نئون نياپو آئيو، راڻي ملان رات
لڌي سون لطيف چئي ڪنان ڏاتر ڏات
ڪا نہ پڇي ٿو ذات جي آيا سي اگهيا.

هن بيت ۾ **نئون نياپو** علامت آهي. هتي هڪ ظاهري طور وقتي ۽ فاني ڪردار جي باري ۾ آهي. پر اهو جيڪو نئون نياپو ٿو ملي، اهو وقت گذرڻ سان بہ پراڻو نہ ٿيو آهي. جو تہ اهو نياپو آفاقي آهي ۽ نياپو لامحدود وسعتن تائين ڦهليل آهي. اهو صرف مومل راڻي جي دور تائين نہ، پر ان جي اهميت اڄ جي دور ۾ بہ ساڳي آهي. اهو نياپو آهي هڪ آئيديا (Idea ) تصور (Concept). تہ ذات ۾

ڪجهہ بہ نہ آهي. ذات نہ پڇي ويندي آهي. اصل مقصد آهي اچڻ. پنڌ ڪري اچڻ وارو ئي اڳهبو. پوءِ اهو ڪهڙي بہ ذات وارو هجي.

1. ”ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي موهيا ڪنهن نہ مال
جت چورين ڏنا چال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا“

هن بيت ۾ **ڪاڪ، ڪاپڙي، مال ۽ چوريون انهن جا چال** ڏيڻ، اهي سڀ علامتون (اهڃاڻ) آهن. اهي ڪردار نہ آهن. پر انهن مان ايرندڙ تصور (Concept) آهن.

2. ڪاڪ نہ جهلئا ڪاپڙي موهئا نہ محلن
ٻاين ۽ ٻانهن جي ٻنڌڻ ڪين ٻُجهن
لڪين لاهوتين، اهڙيون اوريان ڇڏيون

**ڪاڪ** مونجهاري علامت آهي. پنيلائيندڙ ۽ پُلائيندڙ نظارن جو نظر جي دوکن (Illusion) جو **ڪاپڙي**. اهو آهي، جيڪو پهتل هجي. جيڪو ساجهہ وارو هجي. جيڪو باشعور هجي. جيڪو ڪاڪ (مونجهاري) کي پرکي ۽ پروڙي وڃي. **ڪاڪ، ڪاپڙي، محل، ٻايون، ٻانهيون، لاهوتي** سڀ علامتون آهن.
هاڻي فطرتي نظارن وارا اهڃاڻ ڏسو.

3. سج سياٽي جا ڪري، سائي ساميءَ روءِ
اچي تي عطر جي منجهان مڪڻ بوءِ
سا ڏيکاريون جوءِ جتان لاهوتي لعل ٿئو.

**سج سياٽي** جو اهڃاڻ آهي. ”مستقبل جو“ هن ۾ شاهہ سائين ڪيڏو خوبصورتيءَ سان ”سج سياٽي کي“ فطري طرح پيش ڪيو آهي. سامي (عاشق) جي منهن مان ايرندڙ سج جي ڳاڙهاڻ پئي ٻڪي. هتي سياٽي جو سج ڪاميابي ۽ انساني تڪميل جي علامت طور استعمال ٿيو آهي **لاهوتي** جيڪي رڱجي ريٽا ٿيا آهن، اهي منزل تي پهچڻ جي ضمانت آهن.

4. هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي نيهن اجهل
نہ ڪا جهل نہ پل جي وئيا سي وئيا.
جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي تن لهي نہ لالي
ڪڙي ڪيف خماريا مي پي موالي
وتن وصالي لدوئٽا لوڏي ٿئا

هنن بيتن ۾ **ڪاڪ، ڪاپڙي، نيهن، خمار، لالي**، اهي سڀ علامتون آهن.

5. سون ورنيو سوڍيون، رُپي رانديون ڪن
اگر اوطاقن ۾ ڪٿوريون ڪٿن
اوتيائون عنبير جا مٿي طاق تڙن.

مٿين بيت ۾ **سوڍيون** علامت آهي

6. سڳ ڪري سين سينهن ڪنڌ ۾ ڦيرج ڪيڏهين
رمج راٽي پُٺ ۾، نرتون منجها نينهن
اِنَ ۾ وسج عام تي جئن **مومل** وسن مينهن
سندي حشر ڏينهن سوڍو ساريندي گهٽو

انهن بيتن ۾ **سينهن** (شينهن)، **مومل** ۽ **سوڍو** علامت آهن.

7. حال قربان، مال قربان، گهوريان لڌاٽو
فدا ٿي فقير جو شل رسي مَ راٽو
مُيَنِ سين ماٽو مناسب نہ مينڌرا.

مٿين بيت ۾ **راٽو** (**مينڌرو**) علامتون آهن.

8. منجهس ڪاڪ ڪڪوري منجهين لڌاٽو
راٽو ۽ راٽو رءِ راٽي ٻيو ناه ڪو.

مٿين بيت ۾ **ڪاڪ** ۽ **ڪڪوري** علامتون آهن.

9. جهڙا گل گلاب جا تهڙا مٿن ويس
چوٽا تيل چنبليا سا ها هو هميش
پسيو سونهن سيد چئي نيهن اچن نيش
لالن جي لبيس آتڻ اکر نہ اڃهي.

مٿين بيت ۾ گل گلاب ، چنبيليا، نيش ۽ لالن علامتون آهن.

10. ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي موهيا نہ محلن
ٻاعُنِ ۽ ٻانهين جي، ٻنڌڻ ڪين ٻَجهَن
لڪين لاهوتين، اهڙيون اوريان ڇڏيون.

مٿين بيت ۾ ڪاڪ، ڪاپڙي، ٻاين ۽ ٻانهين علامتون آهن.

11. سوڍيون سمجهائي ويا، هھڙا جنين حال
جي ڇورين ڏنا ڇال تب لاهوتي لنگهي ويا

هن بيت ۾ **سوڍيون، چوريون ۽ چال** علامتون آهن. پروفيسر شاهواڻي مطابق: ”راڻو“ خداوند تعاليٰ يعني علامت اوليٰ جو مفهوم ۾ استعمال ٿيل آهي. اسان جو خيال آهي ته لطيف سائين راڻي کي خداوند جي تصور ۾ استعمال ڪو نه ڪيو آهي، بلڪ هڪ حق شناس، مرشد، منزل ۽ مقصد تائين رسائيندڙ رهبر جي حيثيت ۾ پيش ڪيو آهي.

”ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾، راڻا، ويهه رهي
ماڙهو جي محلات جي سوڍا ڪج سهي.
ويندءِ ڳالهه وهي وڪر پوندي ولها“. (16)

12. هلو هلو ڪاڪ تڙين جتي نيهن اَچَل
نه ڪا جهل نه ڪا پل سيڪو پسي پرين کي.

هن بيت ۾ اچَل هڪ علامت آهي.

13. جوڳيءَ تي جڙاه، نسورو ئي نيهن جو
پتنگ جئن پيدا ٿيو، سامي سج وڙاءُ
آيو ڪاڪ تڙاءُ ڪُنوارن ڪڪوريو.

هن بيت ۾ ڪنوارن ۽ ڪڪوريون علامتون آهن.

14. آڪون، ڏاڪون، سرڪنڊ شاخون جت چوڪا چندن ڪئونر
ميي سيئي ماڻياجت نه پرن پونر
ڪنواريون ۽ ڪئونر، ڪاه ته پسئون ڪاڪ جا

هن بيت ۾ **ڪنواريون ۽ ڪئونر** علامتون آهن.

سر مومل راڻو جي انهن مٿين بيتن ۾ ڪيئي علامتون آهن، جن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته شاهه سائينءَ ڪيڏي نه خوبصورت ۽ سهڻي طرح علامت نگاريءَ کي بيان ڪيو آهي.

## حوالا:


1. سڌايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، ”شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري“، حيدرآباد، شاهه لطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز آگسٽ 1992ع، ص 320،
2. آواز لطيف، ، ڪراچي، شعبه مطبوعات، سنڌ اطلاعات کاتو. 1987ع ص 28.
3. ايضاً، ص 29-28.

4. فهميده، ڊاڪٽر، ”شاهه جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ“،
5. خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر، ”پائي پٽ ڪٽا“، گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد 2005ع، ص 269، ص 372.
6. شپلي، جي-ٽي، ”دي ڪمشنر آف ورلڊ لٽريري ٽرمس“، لنڊن، جارج ايلن ائنڊ انون لميٽيڊ، 1970ع، ص 322.
7. سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، ”شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري“، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، 1992ع، ص 84.
8. ايضاً
9. ايضاً، ص 66.
10. ايضاً
11. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعري“، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر، 2016ع، ص 120.
12. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 1978ع، ص 266.
13. سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، ”شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري“، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه 1992ع، ص 61.
14. ايضاً، ص 97-96.
15. ايضاً، ص 99-98
16. ايضاً، ص 325